سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو

## جدول

# اولاد جا 3 حق

(قسط: پهرين)

17 جولاءِ 2025



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ
**(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ **اولاد جا 3 حق (قسط: پھرين)** جي باري ۾ معلومات فراھم ڪئي ويندي ۽ **فرض نمازڪان بعد پڙھڻ واري دعا** ياد ڪرائي ويندي ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آھي: مون تي درود پاڪ پڙھڻ پل صراط تي نور آھي، جيڪو جمعي جي ڏينھن مون تي **80** پيرا درود شريف پڙھندو ان جا **80** سالن جا گناھ معاف ڪيا ويندا. [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!            صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اولاد جا 3 حق (قسط: پھرين)

### آيت مبارڪ

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا

(پارو: **28**، سورة تحريم: **6**)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! پنھنجي جانين ۽ گھر وارن کي ان باھ کان بچايو.

يعني اي ايمان وارؤ! ۞ الله پاڪ جي عبادت ڪري، الله پاڪ جي احڪامن جي پيروي ڪري، پاڻ کي ۽ ۞ پنھنجي اھل و عيال جي بھتر انداز ۾ تربيت

1...الترغيب في فضائل الاعمال، باب مختصر من الصلاة علي رسول الله صلى الله عليه وسلم، صفحه:14، حديث:22۔

ڪري، سٺا اخلاق سيکاري کين جهنم جي باهه کان بچايو ...! (1)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

أَكْرِمُوْا أَوْلَادَكُمْ وَأَحْسِنُوْا أَدَبَهُمْ

**ترجمو:** پنهنجي اولاد جي عزت ڪريو ۽ کين سٺا آداب سيکاريو. (2)

## اولاد جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! اولاد الله پاڪ جي هڪ عظيم نعمت آهي، دين اسلام جهڙي طرح والدين جا حق ادا ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي، اهڙي طرح اولاد جا حق ادا ڪرڻ جو بہ حڪم فرمايو آهي، تنهنڪري پُٽُ هجي يا ڌيءُ اولاد جا والدين تي تمام گھڻا حق آهن، جن مان 3 حق اسان اڄ سکنداسين.

### پهريون حق: بهترين ماءُ جي چونڊ ڪرڻ

**وضاحت :** اولاد جو سڀ کان پهريون حق جيڪو سندن پيدائش کان بہ اڳ ۾ آهي، اهو پنهنجي اولاد جي لاءِ سٺي ماءُ جي چونڊ ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻار جي زندگي ۾ ماءُ جي وڏي اهميت آهي، ماءُ جيتري سٺي هوندي اولاد جي تربيت بہ ايتري ئي سٺي ٿيندي، ڇو جو علم ۽ تربيت جي شروعات ماءُ جي هَنجَ کان ئي ٿيندي آهي، تنهنڪري نڪاح جي لاءِ سٺي، بااخلاق ۽ باڪردار عورت جو انتخاب ڪرڻ اولاد جو پهريون حق آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عورت سان نڪاح ڪرڻ ۾ چار ڳالهيون ڏٺيون وينديون آهن **(1):** مال **(2):**

1....تفسير نور لاعرفان، پاره 28،سورۃ التحريم ،تحت الآيت:6،صفحہ:895، ۔

2....سنن ابن ماجه،ڪتاب الادب ،باب بر الوَالِد والإحسان الى البنات ،صفحہ:591،حديث:3671۔

خاندان يعني حسب نسب **(3):** خوبصورتي ۽ **(4):** ديناري. پوءِ آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: توهان ديناري کي ترجيح ڏيو. (1)

## ٻيون حق: ٻار جي ڪَنَ ۾ آذان ڏيڻ

**وضاحت:** پيدا ٿيڻ کان پوءِ ٻار جي ڪن ۾ آذان ڏيڻ سنت آهي. (2) پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن شخص جي گهر ۾ ٻار پيدا ٿئي، ان جي ساڄي ڪن ۾ آذان ۽ کاٻي ڪن ۾ اقامت چئي وڃي ته اهو ٻار اُمُّ الصِّبۡيَان (يعني مرگهي جي بيماري) ***(Epilepsy)*** کان محفوظ رهندو. (3) امامِ اهلِ سنت، امام احمد رضا خان رحمۃُ اللّٰہِ علیہ فرمائن ٿا: ٻار جي پيدائش کان پوءِ جيڪڏهن آذان ڏيڻ ۾ دير ڪئي وڃي ته، اڪثر ڪري مرگهي جو مرض لڳي ويندو آهي. جيڪڏهن ٻار جي پيدائش کان پوءِ پهريون ڪم اهو ڪيو وڃي ته ٻار کي وِهنجاري، ان جي ڪنن ۾ آذان ۽ اقامت چئي وڃي ته اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! اهو ٻار سموري حياتي مصيبتن ۽ بين آفتن کان محفوظ رهندو. (4) ٻار جي ڪنن ۾ آذان انهيءَ ئي طريقي سان ڏني وڃي، جيئن نماز جي لاءِ ڏني ويندي آهي. بهتر اهو آهي ته ساڄي ڪن ۾ **4** ڀيرا آذان ۽ کاٻي ڪن ۾ **3** ڀيرا تڪبير چئي وڃي.

## ٽيون حق: تحنيڪ (يعني گُهٽِي يا سُتِي ڏيڻ)

1....بخاری ،کتاب النکاح ،باب الاکفاء فی الدین ،صفحہ:1312،حدیث :5090-
2....لمعات التنقیح ،کتاب الصید والذبائح ،باب العقیقۃ،جلد:7،صفحہ:220،تحت الحدیث :4158-
3....الجامع الصغیر،صفحہ:545،حدیث :9085-
4....ملفوظات علیٰحضرت ،صفحہ:418/417-

**وضاحت:** کجُور يا ڪا مٺي شيءِ پنهنجي وات ۾ چٻاڙي ٻار جي وات ۾ وجهڻ کي تَحنِيڪ چئبو آهي. ان کي گُھٽي يا سُتِي بہ سڏيو ويندو آهي. تَحنِيڪ (گھٽِي ڏيڻ) سنت آهي. (1)

**تَحنِيڪ بابت مدني گُلَ:** ۞ تَحنِيڪ (يعني گھٽي ڏيڻ) وارو کجور يا ٻي ڪا مٺي شيءِ پنهنجي وات ۾ چٻاڙي نرم ڪري، پوءِ ٻار جي وات ۾ وجهي ۞ اڄڪلھ تَحنِيڪ (يعني گھٽي ڏيڻ) وقت کجور يا ٻي شيءَ وات ۾ چٻاڙڻ کان سواءِ ئي ٻار جي وات ۾ وِڌي ويندي آهي، اهو تَحنِيڪ (گھٽي ڏيڻ) جو صحيح طريقو نہ آهي ۞ تَحنِيڪ ڪنهن نيڪ، صالح ۽ پرهيزگار شخص کان ڪرائڻ بهتر آهي، ان سان برڪتون حاصل ٿينديون. حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي تہ نبي ڪريم رؤوف الرحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي بارگاھ ۾ ٻار آندا ويندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي لاءِ برڪت جي دعا ڪندا هئا ۽ تَحنِيڪ فرمائيندا هئا. (2)

## دهرائي

**اڄ اسان اولاد جا 3 حق سکيا آهن. ٻيهر دهرائي وٺو!**

(1) بهتر ماءُ جي چونڊ ڪرڻ (2) ٻار جي ڪنن ۾ آذان ڏيڻ (3) تحنيڪ ڪرڻ (يعني گُھٽي يا سُتي ڏيڻ)

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### فرض نمازڪان بعد پڙهڻ واري دعا:

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَمِنْكَ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

1....لمعات التنقيح، كتاب الصيد و الذبائح، جلد:7،صفحہ:164، تحت حديث:4080-
2....مسلم، كتاب الطہارة، باب حكم بول الطفل الرضيع...الخ، صفحہ:123،حديث:286
-

ترجمو: اي الله پاڪ! تون سلامتي ڏيڻ وارو آهين ۽ تنهنجي ئي طرف کان سلامتي آهي، تون برڪت وارو آهين اي جلال ۽ بزرگيءَ وارا! (1)

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

(1): سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2): پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ (3): هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ (4): رات جو سُوْرَةُالْمُلْك پڙهي يا ٻڌي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوْرَةاِلْاِخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ (9): اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظري کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ (12): 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ (26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28): گناهه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجهه نہ ڪجهه عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد

---

1.... مسلم ،ڪتاب المساجد ومواضع الصلاة ،باب استحباب الذڪر،217،حديث:592-

يا صلوٰۃالّليل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ٻين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت”مدني چينل“ ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):**وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟

**(46):** ڪجهہ نہ ڪجهہ جائز ڪمن کان پهريان بسم اللہ پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف کان بچيؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟

(59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63): هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64): علاقائي دورو ڪيو (65): پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نه ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابسته ڪيو؟